# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2010
# SINDH ACT NO.VII OF 2010
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 2010
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 2010
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 179_A جي ترميم
Amendment in Section 179_A of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

3. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 2010
# SINDH ACT NO.VII OF 2010
## سنڌ مقامي حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 2010
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 2010

[14 اپريل 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ مقامي حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيئڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مقامي حڪومت (ٽين ترميم) ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 179_A جي ترميم
Amendment in Section 179_A of Sindh Ordinance No.XXVII of

2. سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعہ 179_A ۾:

(i) ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن "مقامي حڪومتون" کانپوءِ لفظ "۽ ڪائونسلز" شامل ڪيا ويندا.

(ii) ذيلي دفعہ (5) ۾، شقن (a) ۽ (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

(a) مقامي حڪومتن ۽ ڪائونسلز جي تحليل ٿيڻ تي حڪومت پنجهتر ڏينهن جي اندر چيف اليڪشن ڪمشنر کي مقامي حڪومتن جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ درخواست

| | |
|---|---|
| 2001 | ڪندي؛ |
| | (b)مڪاني حڪومتن جون چونڊون هن ترميم يا نئين نفاذ تحت ٿينديون، جيڪڏهن ڪو نئون قانون پاس نہ ٿو ڪيو وڃي تہ چونڊون هن ترميم مطابق ڪرايون وينديون. هر حالت ۾ حڪومت 165 ڏهاڙن جي اندر اندر شق (a) جي روشنيءَ ۾ چونڊن ڪرائڻ کي يقيني بڻائيندي. |
| منسوخي<br>Repeal | 3.سنڌ مڪاني حڪومت (ٽين ترميم) آرڊيننس، 2010 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. |
| | **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |